


# معاف ڪندا...!

سندر اگناڻي

سڪ ۾ سوکڙي
پنهنجي پياري ڪهاڻيڪار
آمر جليل لاءِ
سندر اگناڻي
(جئپور ڀارت)
18 مئي 2006

# معاف ڪندا...!

(ڪارٽونن جو مجموعو)

ڪارٽونڪار

سندر اگناڻي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشنس،
٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، اُلهاسنگر-٣.

**Maaf Kanda.... (Excuse me....)**
(Collection of Cartoons)

By : ***SUNDER AGNANI***
***Author's Address :***
3-TA, 24, Jawahar Nagar,
JAIPUR-302004

**Sindhi Times Publications**
90, Laxmi Market, Ulhas Nagar-3
Tel.: 0251-2550575

Published by :
**Suresh Paryani**
For The Sindhi Times Publication.

Printed by :
**Harihar Printers, Jaipur**
Adarsh Nagar, Jaipur-302 004
Tel.: 0141-2600850

Computer Typesetting by :
**ABC Creation,** 142, Sindhi Colony,
Bani Park, Jaipur-302016

**SINDHI TIMES**
(Quarterly Book Series)

Price : Rs. 100/-
Year : 2006

## ارپيم
## پوپٽي هير اننداڻيءَ کي



جنهن سڄي عمر اَنياءَ جي خلاف
لڙائي ڪئي ۽ مونکي پريرڻا ڏني.

سندر اگناڻي

يعني ڊاڪٽر پريم پرڪاش چاهي ٿو تہ سندر اگناڻي سنڌي ناٽڪ کي نئي پاڻ ارپي. ڪرشن کٽواڻي چوي ٿو تہ سندر وٽ ڪهاڻي آهي، سنجيدگي بہ آهي تہ طنز بہ ۽ چوڻ جو ڍنگ بہ.

سندر جي پنهنجا ويچار، اُڌما ۽ احساس ظاهر ڪرڻ جي ٽين واٽ آهي - ڪاروٽون ڪڍڻ.

ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ ڪارٽون.

ڊاڪٽر پريم پرڪاش سنڌي ۽ جو ڪهاڻي نويس بہ آهي تہ ناٽڪ نويس ۽ ناٽڪ ڪار بہ، پر قلم ڪانسواءِ برش سان بہ رچنا ڪندو آهي. هن سندر جي ڪارٽون بابت لکيو آهي تہ ''رواجي طرح سندر جا ڪيترا ۽ اظهاري سرشتا گهٽيئي آهن، پر سندر جي هر اظهار ۾ طنز نمايان هوندي آهي ڪهاڻي، ناٽڪ، ڪارٽون...سندر جي ڪارٽون جا وشيہ سندس آس پاس جا هوندا آهن، سنڌي جيوت (؟) ٻولي، تهذيب، ساهتيہ، ڪلا سان وابسط. اُن ئي آس پاس سان اسانجو بہ سنبنڌ آهي، تنهن ڪري هي آسپاس سندس ئي نہ، اسانجو بہ آهي. اسين سيئي جذبي وس سنڌي جيوت، ٻولي، تهذيب، ساهتيہ، ڪلا جا خير خواه آهيون. يا خير خواه رهڻو پوندو آهي - يا اهڙو ڀاوُ (مڪر) ڏاڍي صفت سان اظهاري وڻندا آهيون - پوءِ پس پيش اسين پنهنجين نجي منورتين جي ورِ چڙهي صرف پنهنجا خير خواه ٿي پوندا آهيون. نجي سوارٿ لاءِ هر ملہ وٿائي ڪائي وڻندا آهيون. ڪنهن بہ گراوٽ تائين لهي ايندا آهيون. پوءِ پاڻ کي ڍڪيندا آهيون (اڄڪلهہ اهو بہ ڪونہ ڪندا آهيون) ۽ ٻين کي اگهاڙو ٿيندو ڏسڻ ضرور چاهيندا آهيون. ائين هڪ اڻ ڇيل سازشي چپ ۾ شامل هوندا آهيون. سندر جا ڪارٽون ان چپ کي ٽوڙين ٿا، سازش کي وائکو ڪن ٿا، سندر جو اهو پنهنجو آواز آهي.

هڪ اڪيلي جو آواز، هن سان ڪوئي شامل ڪونهي، هو چاڻي ٿو اهو سفر سندس اڪيلي جو آهي. سندر ڪارٽون هٿيار سان اڪيلو جو آهي! مونکي اڃا طئہ ڪرڻو آهي تہ اها سندس خوشقسمتي آهي يا بدقسمتي! ڪردار هو آس پاس مان چوندينڊو آهي - ڪردار سندس پنهنجا ويجها واقف ڪار، يار دوستار سڄڻ هوندا آهن، جن سان سندس گهٽي ڏي وٺ آهي. وشيہ ۽ ڪردارن جي کوٽ ڪونهي. هڪ چڱي رينج سندر پنهنجي طنز لاءِ مهيا بہ ڪئي آهي.

# فهرست


سنڌي ليکڪ 11
سنڌي ٻولي وڪاس 12
مهلا ڏوس 13
نوجوان ليکڪ ورڪشاپ 14
هردوار ۾ سيمينار 15
سنڌي سکو 16
سٺو ڪتاب 17
تمام سٺو رايو 18
سنڌيءَ ۾ ڊاڪٽري 19
سنڌي نيتا 20
وزني ليکڪا 21
ڊاڪٽر 22
سنت ڪنور رام 23
هيمون ڪالاڻي امر رهي 24
گهر جي سونهن 25
سون گهوريو 26
مور 27
ڳنڍ رکپال 28
ڳنڍ ۾ ڳتي 29
نئين ڪنوار 30
ڏيءُ کي ڏک 31
مُڇ جو وار 32
شينهن ڪُلهي 33
ڀارت ياترا 34
مهاراشٽر اَڪادمي 35
رٽائرڊ سنڌي 36
واقفيت وڌايو 37
پارليامينٽ ۾ 38
اشتهار 39
مسئلا 40
پوناجي 41
جاتيءَ جو آئينده 42
سنڌين کي حق 43
فائونڊيشن اِسٽون 44
حقن لاءِ هلچل 45
ڪارگل جا شهيد 46
سيمينار 47
وجود جو سوال 48
روچيرام جي ول 49
راجستان سنڌي اڪادمي 50
اڪادمي انعام 51
سنڌين جي ٽوپي 52
ڪنهن جو ڏوهه 53
ڏاريو ماڻهو 54
تعليم ڪانفرنس 55
پنيئڙءَ لائين ۾ 56
سرڪاري مشاعرو 57
اکري پرچار 58
ساهتڪ انعام 59
مهاڳ 60
اِستري انڪ 61
ايجنڊا 62
ساهتڪار جي استعيفا 63

# سنڌي ليکڪ




پنهنجو دهلاري پاڻ....!

سنڌي ٻولي وڪاس...!





....پرواهه نه ڪر، هاڻي مان اچي ويو آهيان.
اسان توکي جنهن آڪسيجن جي سلنڊر تي رکيو
هئو، ان سلنڊر کي اليڪٽرونڪ ڪنداسين پوءِ تون
ٺينگ ٽپا ڏيڻ لڳندينءَ!

مَهِلا ڏِوَس!





هيءُ تہ ڪنوارو آهي، هن کي ڪهڙي خبر
تہ بنا حق ملڻ جي ئي گهر ۾ اِسترين اسانجو ڪهڙو
حال ڪري رکيو آهي..!

نوجوان ليڪ ورڪشاپ...!




.....جيتوڻيڪ منهنجي عمر ستر سال آهي پر مون
لکڻ صرف گذريل پنجن سالن کان شروع ڪيو آهي...!
اِن ڪري مان نوجوان ليکڪن جي قطار ۾ اَچان ٿو.

## هردوار ۾ سيمينار..!



...مهراج، اڳئين پيري ماءُ جو، هن سيمينار تي
پيءُ جو ۽ ايندڙ سيمينار تي سنڌي ٻوليءَ جو گورو
ڪٽي ايندس.

## سنڌي سکو..!



# سنڌي ڪتاب . . .!



تمام سٺو رايو...!



...هُن کي پدم شِريِ ملي تمام سٺو ٿيو، اُميد تہ آئينده داعرو وسيع رکندا !

# سنڌيءَ ۾ ڊاڪٽري !





ڏسو، هُن بصر - پٽاٽن واري ڪي بہ سنڌيءَ ۾ Phd. ملي آهي، رڳو هن پروفيسر صاحب ڪي بصرن جي ڳوٺ ۾ پٽاٽن جون بہ ڳوٺيون ڏنيون، توهان بہ تہ هميشه هن کان مائيڪ تي پنهنجي پروگرامن جي ڪمپيئرنگ ڪرائيندا آهيو...!

## سنڌي نيتا...!



..مان صرف اِهو ڳولهي رهيو آهيان تہ
هيمون ڪالاڻيءَ کي ڪهڙي ڏوهہ ۾ ڦاسي
جي سزا ملي هئي، سڀاڻي منهنجو ڀاشڻ آهي....!

# وزني ليڪڪا...!




..منهنجيءَ عمر ۽ حيثيت جو خيال ڪريو!
منهنجي ساهت ڪي توريو..!!

ڊاڪٽر...!





...سائين، هيءَ سنڌي ٻوليءَ ساهت
بابت ڄاڻ نہ، پر ڏستن جي دوا وٺڻ
آيو آهي...!

# سنت ڪنور رام...!




...توهان هتي هيءُ مهاتما گانڌيءَ جي بدران
سنت ڪنور رام جو فوٽو لڳايو ها....!

## هيمون ڪالاڻي امر رهي..!




...پائرو، جيستائين پارليامينٽ ۾ون آهي تيستائين سريش ڪيسواڻيءَ جو لڳارايل هي پتلو هتي قائم رهندو! سريش ڪيسواڻي امر رهي !!

## گهر جي سونهن..!




..ٻار گهر جي سونهن ...!

## سون گھوريو...!




..اُھو سون ئي گھوريو جيڪو ڪَن چني...!

## مور..!





..چورن مٿان مور..!!

## گڏهه رکپال...!



جَوَ ڍيري گڏهه رکپال..!!

# گَڏھہ ۾ گَتي...!




...پنھنجي توري، پئہ گڏھہ کي پيري...!

## نئين ڪنوار...!




...نئين ڪنوار نوَ ڏينهن، لٿي پٿي ڏهہ ڏينهن...!

## ڏيءَ ڪي ڏڪُ..!




...ڏڪُ هڻُ ڏيءَ ڪي تہ سِڪي نُهن...!

## مُڇ جو وار...!




..بارُ مُڇ جو وارُ جيڏانهن وِرائيس تيڏانهن وَري...!

## شینهن کلهي...!



...شینهن کُلهي چاڕهڵ...!

## يارت ياترا...!



..هيءُ حج تان نہ پر يارت مان ياترا ڪري
آيل سنڌي ليکڪ آهي!

## مهاراشٽر ۾ آڪادمي..!



## رٽائرڊ سنڌي...!




...حالانڪ هُنن سٺ ورهين جي عمر کان پوءِ لکڻ
شروع ڪيو آهي پر سندن عمر ۽ حيثيت کي خيال
۾ رکي انعام ڏنا پيا وڃن...!

## واقفيت وڌايو...!





..تو پنجاهہ سالن ۾ ڇا لکيو آهي اِهو ڪير ڪونہ
تو ڏسي، تو پنجن سالن ۾ ڪنهن سان واقفيت
وڌائي آهي، انعام لاءِ اِهو ڪافي آهي...!

## پارليامينٽ ۾...!




..تنهن وقت مان صرف سنڌي هئس ۽ هينئر
راڇنيتيگيہ بہ آهيان...!

## اِشتهار...!



...هيءَ ڏسو ! منهنجو نالو ستين پيج تي ڏنل هن
خبر ۾ اَٺين نمبر تي آهي، اڄ کان وٺي توهانجي
اخبار کي اِشتهار ڏيڻ بند...!

**مسئلا...!**



..ڀائرو هن ڪان اڳ مان راڄيہ سڀا جو ميمبر هئس
انڪري مونکي خبر ڪونہ هئي تہ سنڌي جاتيءَ جا
کهڙا کهڙا مسئلا آهن پر هاڻي مان ڪائونسل ذريع
توهانجا مسئلا حل ڪرائيندس...

پونجي...!




..مان پنھنجي سموري پونجي ڪٺي توھان وٽ
ھميشه لاءِ آيو آھيان...!

## جاتيءَ جو آئينده...!



...هنن کي چئو تہ ڪاڪٽيل پارٽي سامهون واري
هال ۾ ٿي رهي آهي هتي سنڌي جاتيءَ جي
آئينده بابت سيمينار ٿي رهيو آهي...!

## سنڌين کي حق...!




اِهو تہ ٺيڪ آهي تہ توهان هاڻي ڪانگريس جا
هٿ مضبوط ڪرڻ لاءِ سنڌين جو هيءُ سميلن ڪري
رهيا آهيو ۽ پوءِ سنڌين کي حق وٺي ڏيندا !
...پر جڏهن ڪانگريس مضبوط ٿيندي تڏهن هنن
سنڌين کي ڪهڙا حق ڏنا؟

## فائونڊيشن اِستون...!




..ڀائرو، هيءُ فائونڊيشن اِستون مون پنهنجي
هڙان پئسا ڪڍي لڳايو آهي، باقي توهان صرف
سرڪار کان هيءُ پلاٽ وٺي هن پون کي ٺهرايو..!

حقن لاءِ هلچل...!




..واهہ..! هيءَ ئي تہ جڳهہ آهي جتي سنڌي
پنهنجن حقن لاءِ گنڀيرتا سان سوچي سگهن ٿا..!

## ڪارگل جا شهيد...!




## سيمينار...!



..تي آيا سيمينار تان ! هيءَ وٺو ٻئي سيمينار
جي دعوت..!

## وجود جو سوال..!




..اَڪادمين جو وجود قائم رکڻ لاءِ اسانکي سنڌي
ٻوليءَ جو وجود قائم رکڻو ئي پوندو..!

روچيرام جي وِل..



وڪيل صاحب، مان پنهنجي هيءَ سموري
ملڪيت نند چڳاٽيءَ جي نالي ٿو ڪريان ..!

## راجستان سنڌي اَڪادمي




..هاڻي تہ ڀارتيہ سنڌو سڀا جي چاندي آهي!

## اڪادمي انعام...!




..اِهائي تہ اڪادميءَ جي ڪمال آ...!

## سنڌين جي ٽوپي...!





..سونيا گانڌيءَ ڪانپوءِ هاڻي اسانکي لال ڪرشن
آڏوانيءَ وٽ هلڻو آهي. هاڻي اَڃي ٽوپي لاهي
ڪاري ٽوپي پائڻي آهي..!

# ڪنهنجو ڏوهه...!




..اِهو ڪوڙ آهي..! آمريڪا، انگلئنڊ، ڪئناڊا، اسپين، آفريڪا، عرب ملڪن سيني هند مائٽ پنهنجن ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن. باقي هندستان تہ ڀنتي پيل ملڪ آهي، اُتي جيڪڏهن مائٽ ٻارن سان سنڌي نہ ڳالهائي اِهو ملڪ جو ڏوهہ آهي...!

## ڏاريو ماڻهو...!





مورک! جيڪڏهن پارٽيءَ جي پريزيڊنٽ ودیشي
موُل جي ٿي سگهي ٿي. تہ هيءُ تہ وري بہ ديسي آهي.

## تعليم ڪانفرنس...!




...۽ جيڪڏهن سڄي پارٽ مان عيوضي اچن ﮬ
ها تہ تعليم جو حال اُهوئي هجي ها...!

**پٺيءَ لائين ۾...!**




..ءَ آخر ۾ مان بلڪل پٺيءَ لائين ۾ ويٺل سنڌي ساهت جي پنجن مهان اديبن کي عرض ڪندس ته هو صاحب منچ تي اچي پنهنجو ٢٠ - ٢٠ هزارن جو انعام وٺن ۽ هن اُتسو کي سڦل بڻائين..!

## سرڪاري مشاعرو...!




جيتوڻيڪ مان ناول نويس آهيان، پر جڏهن
ڪان سرڪاري مشاعرا ٿيڻ لڳا آهن، مون
آزاد نيون ڪوتائون لکڻ شروع ڪيون آهن..!

## اڪري پرچار...!




سائين، هو پڇن ٿا تہ سنڌالاجي ڪلچر يونيورسٽيءَ
۾ ناٽڪ، نرتيہ ۽ سنگيت جا ڪهڙا - ڪهڙا پروفيسر
رکيا اَٿو جيڪي توهانجي ان اڪري پرچار کي عملي
جامو پهرائي رهيا آهن.

## ساهتڪ انعام...!



ڀائرو، سيٺ پگڙي مل جيڪو هوُ جهوليلال جو مندر ٺهرايو آهي اُهو ڏيکاري ٿو تہ هن صاحب کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيترو نہ پيار آهي. اُن ڪري هن سال کيس ساهت اڪادميءَ جي انعام ڏيڻ جي پڌرائي ٿو ڪريان.

## مهاڳہ...!



...توهان جن غير معياري ڪتابن بابت ليک لکيو آهي
توهان کي شايد وسري ويو آهي تہ اُنہ منهنجو اُهو ڪتاب
بہ شامل آهي جنهنجو مهاڳہ توهان لکي مونکي ساراهيو آهي.

## اِستري انڪ...!



...هئلو، هيءُ استري انڪ ۾ توهان منهنجو تازو فوٽو ڪٿان آڻي ڇاپيو آهي! مون تہ توهانکي ويهہ سال اڳ جو فوٽو موڪليو هئو، توهانکي ايتري بہ تميز ڪونہ آهي تہ استرين سان ڪيئن وَنهوار ڪجي..!

ايجندا ؟!



## ساهتڪار جي استيفا..!




..سڻو ٿيو تہ جنهن هڪ ساهتڪار کي اسان پنهنجيءَ اَڪادميءَ ۾ ميمبر طور رکيو هئو اُن استيفا ڏني آهي نہ تہ اسان سڀ هن جي اڳيان بيوقوف لڳندا هئاسين..!

## ليهہ - لداخ ۾ سنڌي سنسڪرتي..!



..جيستائين ھُنن کي ليهہ - لداخ ۾ سنڌو
سنسڪرتيءَ جي چاڻ پوي تيستائين ھيءَ ڳڙ - ڳڙ
ڏاڍي سنسڪرتي ڏيکاري رھيا آھن..!

## نئون چئرمن...!




..هيءُ سڀ اڳئين چئرمن طرفان اَڪادميءَ
جا ڇپيل ڪتاب آهن جن جا بِل توهان کي
هِن سال جي امداد مان ڏيڻا آهن..!

## رچنائون...!




..هيءُ رچنائون وري کهڙيءَ بلان جو
نالو آهي اسان تہ مخزن لاءِ کوتائون، ليک،
کهاڻيون ۽ ناٽک گهرايا هئا..!

# عيوضي سنستا...!



اسانجي ساهت اڪادمي صحيح معنيٰ ۾
سنڌين جي عيوضي سنستا آهي! هن ۾ اسان
واپارين، سماج سيوڪن، وڪيلن، راڄنيتيگين
ڊاڪٽرن، سرڪاري ڪرمچارين ۽ ماسترن
وغيره کي سنڌي ٻولي جي وڪاس لاءِ ڪنيو آهي.

## شاهڪار ڪتاب...!



..ڇا چَيُوَ واڱڻن جي آچار ۽ ڪريلي جي
مربي تي لکيل منهنجي رچنا غير ساهتڪ
آهي ته پوءِ 'توري' تي لکيل ڪتاب ڇا آهي..؟

## پوليٽيڪل
## ڪاڪٽيل پارٽي...!



# ووڪلاجي...!



..ها تہ ٻارو، مان هاڻي توهانکي اهو سمجهائيندس تہ ووڪل (vocal) ڪلچر ڇا ٿيندو آهي. اسين توهانکي ا ب ٻ پ پڙهائڻ جي بدران جو ڪير پئي سو وير ٿئي..ڏند زور وٺن..ڳائڻ سيکارينداسين اِهوئي سنڌالاجيءَ جو سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ جو نسخو ووڪالاجي آهي..!

الا اِئين نہ ٿئي. . .!




اَلا، اِئين نہ ٿئي جو عجائب گهر ۾ ڏسجي سنڌي ڳالهائيندڙ کي !

## سنڌي ڪلاس!




سائين... توهانکي ڏسي خوشي ٿيندي تہ اسان
توهانجي موڪليل پيسن مان سنڌي ڪلاس کولي
ڇڏيا آهن جن ۾ ڪا بہ ڪمي ڪونہ آهي، رڳو
وديارٿين جي!

ڀوتو ڀاريو . . .!



..اُتي ڪو ڀوتو ڀاريو: باقي اِهي ڪاڳر
گهٽيئي ڪارا ڪَيو، ماڻهو هڪ ڀن ڪتابن
تي بہ انعام وٺي ويٺا آهن..!

## آجيون سماج شيوا انعام...!





...خوشخبري ٻڌو بابا! توهانکي آجيون سماج
شيوا لاءِ هڪ هزار روپين جو انعام ڏنو آئٿون
جيڪو توهانکي ڪلڪتي روبرو وڃي وٺڻو پوندو!

نوجوان سيمينار...!




..هردوار ۾ نوجوانن جو سيمينار بيحد
ڪامياب ويو...!(هڪ خبر)

## خوش ٿيو...!




..توهانکي پاڻ خوش ٿيڻ گهرجي تہ ماڻھن
کان سنڌي اڪادمي بلڪل وسري ويئي آهي،
نہ تہ روز روز پيا توهانجي خلاف لکندا هئا!

# سرڪاري چونڊ..!



..هيءَ وٺو منهنجي پٽيوالي جي عهدي تان استيفا، سرڪار مونکي توهانجي بورڊ ۾ صلاحڪار طور ڪنيو آهي...!

## نئين اخبار...!



...داداگيريءَ مان تنگ تي هاڻي مون هيءَ نئين
اخبار ڪڍي آهي، هاڻي ڏسجو منهنجي طاقت..!

## چوٽي ۽ ڪرٽي...!



...اِهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ چاڪاڻ تہ
مان سنڌي اَڪادميءَ جو چيئرمن، سنڌي
وڪاس بورڊ جو ميمبر ۽ سنڌي هاءِ اسڪول
جو ٽرسٽي آهيان، ان ڪري گهر ۾ ٻارن سان
سنڌيءَ ۾ ڳالهايان! هيءَ بليڪ ميلنگ ٿي..!

## نارائڻ شيام بابت رايو...!




توهان چئو ٿا تہ مان شاعري ڪونہ ڄاڻان تہ
پوءِ توهان جو نارائڻ شيام بابت ڪھڙو رايو
آهي جنھنجي ڪتاب تان مون هيءُ شعرن
جو ڪتاب ڪاپي ڪري لکيو آهي!

## ميٽنگ...!



...سائين ٻيو ڪجهہ ڪونهي هاڻي مخالفتين توهانجيءَ ميٽنگ ۾ اچڻ بند ڪيو آهي!

## ذميواري...!




..جيتوٽيڪ گھوٽالو ڪيل پئسا مون خرچ
ڪيا آهن پر جيئن تہ هن مونکي پئسا ڏنا
ان ڪري اِها ذميواري هن جي آهي.

# NCPSL طرفان سوکڙيون...!





..هيءُ سڀ اين.سي.پي.ايس.ايل. طرفان
خريد ڪيل ڪتاب سوکڙين طور اسانکي
موڪليا ويا آهن، جيڪي هوُ چاهين ٿا
تہ اسين پڙهي ڪين رايو موڪليون..!

## گهوٽالن جون خبرون..!



..هيءُ روز - روز گهوٽالن جون خبرون پڙهي
مونکي تہ دپ ٿيڻ لڳو آهي تہ ڪٿي اَڪادميءَ
ڪيل توهانجو گهوٽالو نہ اُجاگر ٿئي!

## سيمينار تي اچو..!





..اَچو...اَچو يائي اَچو...سيمينار تي اَچو!
جئپور اچو..لوناوالا اچو..احمداباد اَچو.
پريوار سميت اَچو...پر ضرور اَچو !!

## مدد لاءِ دعوت...!



..هيءُ منهنجو نوڪر آهي، جيڪو منهنجيءَ مدد
لاءِ سيمينار تي هلندو، توهان هنکي بہ دعوت ڏيو!

## سنڌيءَ ۾ پي. ايڇ. ڊي...!




..سائين منهنجو هيءُ پوٽو توهانجي اندر سنڌيءَ
۾ پي. ايڇ. ڊي. ڪرڻ ٿو چاهي، هيءُ چاهي ٿو تہ
توهانکي شاه لطيف جو گيت ’جو ڪير پئي سو وير ٽئي‘
ٻڌائي..!

## اَخبار




...سائين مهرباني ڪري اِهو ٻڌائيندا تہ توهانجيءَ
اخبار ۾ خبرون ڪهڙي صفحي تي ڇپيل آهن ؟

## نظريو...!



...اسين ميمبر پيا گرميءَ ۾ رِجون ۽ توهين
ليڪ چاهيو ٿا تہ توهانکي هِل اسٽيشن تي
سيمينار ڪرڻ لاءِ اِمداد ڏيون!

سنڌي ٻوليءَ جي
بچاءَ لاءِ سنسٿائون...!




...سَر، راجستان سنڌي اَڪادميءَ مان هيءَ
چٺي هندي ٻوليءَ ۾ آئي آهي جنهن ۾ لکيو اٿئون
تہ هو سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ واڌاري لاءِ ٢٥ لک
روپيہ خرچي رهيا آهن!

ٻي چٺي اين.سي.پي.سي.ايل. وٽان انگريزيءَ
۾ ..! ۽...

## اَڪادمي چيئرمن...!



...اِن ۾ شرم جي ڪهڙي ڳالهه آهي، مونکان اڳيان چيئرمن به ته سنڌي ڪونه ڄاڻندا هئا!

آڏو اڻيءَ سان ملاقات...!




..ماڻھن کي ڪھڙي خبر تہ آڏواڻي اسانکي ڪونہ
گڏيو ھئو اسين تہ ھيءُ فوٽو اخبار ۾ ڇاپي..!

## خوشخبري...!



...خوشخبري ٻڌو! سوءَ ڪتابن مان توهانجي ڪتاب کي
اسان ٻَڌي خريد لاءِ چونڊيو هئو پر بجيٽ ختم ٿي وڃڻ
سبب خريد نہ ڪري سگهنداسين، معاف ڪندا!

## سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ...!



..هو پڇي ٿو، توهان مان اديب ۽ فنڪار ڪهڙا آهن
۽ باقي ٻيا ڪير آهن؟

## سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ...!



...تہ چئبو تہ هيءَ آهي سنڌو ندي!

## سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ...!




...هي ڏسو ڳاڏي ڪاتو! توهين جيئن ڇڏي ويا هئا، تيئن جو تيئن آهي، اسان پتين کي رنگ به ڪونه لڳايو آهي.

## سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ...!



توهان صرف پنهنجي ڪابي پاسي ڏسو
توهانجي ڪيتري نہ آجيان ٿي رهي آهي!

سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ...!




...سائين، باقي پنج ڪوڪا، ڇئو تہ ڪارگو ۾ موڪليون!؟

## سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ...!




..هن بئگ ۾ پيو ڪجهہ نہ، مونکي سنڌ ۾ پاتل صرف اجرڪون آهن. هنن ڪوڪن ۾ سنڌي ڪتاب ۽ مخزنون ۽ هن هئنڊ بئگ ۾ سنڌي راڳن جون ڪئسيٽون ۽ سيڊيون آهن. باقي ڪپڙا هوٽيل ۾ ڇڏي آيو آهيان.

## سنڌ - ويزا !





...اِهو برابر آهي تہ تون سنڌ ۾ ڄائو هئين
نِپنو هئين، پڙهيو هئين ۽ سنڌ سان
تنهنجو جذباتي ناتو آهي، پر هتي جذباتي
نہ، راڄنيتي ناتا اهميت رکن ٿا !

## ڀارت جو ويزا !




...توهان برابر پٽنا (بهار) ۾ پنهنجي ڀاءُ
سان ڳڏجڻ لاءِ ويزا گهريو هئو پر سيڪيورٽيءَ
جي لحاظ کان اسان توهانکي ممبئيءَ ۾ ڪرڪيٽ
مئچ ڏسڻ لاءِ ويزا ڏني آهي !

## نڊڪا سنڌي !




...جيتوڻيڪ هيءُ ٽيئي جايون بي قائدي
نهيل آهن، پر هوءَ وڏي جاءِ وڏي ماڻهوءَ
جي آهي ۽ هن جهوپڙيءَ لاءِ سونيا گانڌيءَ
منع ڪئي آهي ۽ باقي اِهي فلئٽس تہ سنڌين
جا آهن...!

## نئين آئيڊيا !




...ڪيئن هيءَ آئيڊيا سٺي آهي نه - پئسا NCPSL
جا، پرچار ۽ ڪمُ سنڌي ڪائونسل جو ؟
...اِها وري ڪهڙي نئين آئيڊيا آهي. هن کان اڳ به
ائين ٿي هئو - پئسا NCPSL جا، پرچار ۽ ڪمُ
پارٽيءَ سنڌو سيا جو....!

# چندو !




...ماڻهن هاڻي سنڌي ٻولي ۽ ساهت سيمينارن لاءِ چندو ڏيڻ بند ڪيو آهي. منهنجو خيال آهي تہ هاڻي مندرن ۽ سنتن تي سيمينارن لاءِ چندو ڪٺو ڪريون !

راجيہ سنڌي
اڪادمي انعام !




...۽ يوگدان طور نعرا هڻي رهيو هئو - ''ڀارتيہ
سنڌو سڀا زنده باد !! **BJP** اَمر رهي !!

## اسانجو ڪهڙو مطلب...!




...يار، سيمينار ۾ ڪير ڪهڙيءَ سبجيڪٽ تي پيپر
پڙهندو اُن سان اسانجو ڪهڙو مطلب، اسانجو ڪم آهي
گهمڻ سان، پوءِ جئپور هجي يا لوناوالا...!

حلوائي بہ ساهتڪار...!




..ڪوئي لڏي هيد ڳڙي، چي آئون بہ پساري...!

٠ ۽ بجيٽ ختم ٿي ويئي!




...هيءُ پنجون ڀيرو دهليءَ ۾ ميٽنگ ڪرڻ بعد
سنڌي ٻوليءَ جي وڪاس بابت فيصلا وٺڻ مهل ٻڌايو
ويو تہ وڪاس لاءِ مليل بجيٽ ختم ٿي ويئي!

# ميٽنگن جو دؤر...!




...هنن کي گهڙيءَ - گهڙيءَ ڀارت ۾ انڪري
گهرايو پيو وڃي تہ هيءُ اسان کي ٻڌائين تہ سنڌي
ٻولي ڀارت ۾ ڪيئن بچائي سگهبي!

# مالي امداد..!





هيءَ منهنجي ورلڊ سنڌي سنت ڪانفرنس
هاليووڊ (لاس ائنجلس) ۾ وڃڻ لاءِ امداد جي
درخواست آهي، بس رڳو پنج لک روپيا کپن،
اتي وڃي سنڌي ٻوليءَ جو پرچار ڪندس..!

# جج..!



...سائين هيءُ پڇي ٿو تہ توهان ڪتابن کي مالي امداد ڏيڻ لاءِ جيڪي جج مقرر ڪيا هئا اُنهن مان ساهتڪار گهڻا هئا؟

راشٽريه پتا !




...اُن ۾ ڇا تي پيو جيڪڏهن مهاتما گانڌيءَ
جي سماڌيءَ کي ڪتي ڪان سنگهايو ويو. اسان
لاءِ گانڌيءَ ڪان وڏيڪ ٻُش جي اَهميت هئي !